FEDERAL PUBLIC SERVICE COMMISSION

COMPETITIVE EXAMINATION FOR RECRUITMENT TO POSTS

IN B.P.S.-17 UNDER THE FEDERAL GOVERNMENT, 2001.

SINDHI

TIME ALLOWED: THREE HOURS | MAXIMUM MARKS: 100

نوٽ : ڪي به پنج سوال حل ڪريو. سوال نمبر ٦ لازمي آهي، سڀني سوالن جون مارڪون برابر آهن .

١ . سنڌي ٻولي ۽ جو خمير، وادي ۽ سنڌجي سر زمين مان ٿهيو آهي . مثالن سان هن راءِ تي پنهنجا خيال ظاهر ڪريو.

٢ . مثال ڏيئي ثابت ڪريو ته شاهه لطيف جو ڪلام، سنڌي ثقافت جو آئينو آهي .

٣ . امر جليل جا افسانا، سنڌجي سماجي زندگي ۽ جي حقيقت نگاري ڪن ٿا، مثالن سان هن راءِ تي روشني وجهو.

يا

سراج جي ناولن ۾ سنڌ جي مسئلن جي عڪاسي ڪيل آهي . اوهان جي خيال ۾ هن راءِ ۾ڪيتري قدر سچائي آهي؟

٤ . مرزا قليچ بيگ جديد سنڌي ادب جو باني آهي . مثال ڏيئي هن راءِ تي پنهنجا خيال ظاهر ڪريو.

يا

شيخ اياز، سنڌي وائي ۽ ۾ نوان تجربا ڪيا آهن . شيخ اياز جي ڪلام مان مثال ڏيئي ، هن راءِ تي واضح دليل ڏيو.

٥ . لوڪ ادب جي تاريخ مان، جلال ڪٽي ۽، ساوڻ فقير، ابراهيم شاهه يا صابر مورمي ۽ جي لوڪ شاعري ۽ مان ڪنهن به هڪ جي شاعري ۽ مان سنڌ جي ثقافت جاعڪس نمودار ڪريو.

يا

ورهاڱي ڪان اڳ، حيدرآباد جو شهر سنڌي ادب ۽ ڊراماٽڪ سوسائٽين جو مرڪز هو. اوهان جي ڄاڻ موجب حيدرآباد ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون ادبي ۽ ڊراماٽڪ سوسائٽيون مشهور هيون؟ اُنهن سوسائٽين ڪهڙا ڪهڙا اسٽيج ڊراما پيش ڪيا؟
ڪن به ٻن سوسائٽين جي ٻن ڊرامن جو تعارف ڪرايو.

لازمي سوال

(الف) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:

(١) لطف اللطيف کتاب کنهن لکيو هو؟

(٢) تزکره لطفي کتاب ۾ کهڙي موضوع تي لکيو ويو آهي؟

(٣) جنب گذاريم جن مين کتاب جو مصنف کير آهي؟

(٤) همه اوست کتاب کهڙي صنف تي ليکل آهي؟

(٥) مارئي رسالي جو ايڊيٽر کير هو؟

(ب) هيٺين کتابن جو هڪ هڪ جملي ۾ تعارف کرايو:

(٦) ياد رفتگان.

(٧) سنڌيون.

(٨) پوُنر پري آکاش.

(٩) پيلاين جا ٻول.

(١٠) مهراڻ جون چوليون.

(ت) لوڪ ادب جي منظوم صنفن مان کن به پنجن صنفن جا نالا لکو.

(ث) سندي ٻولي ۽ ۾ شايع ٿيندڙ کن به پنجن رسالن جا نالا لکو.

****